

# عبدالرحمٰن پيرزادو

# وبا جون ڳالهيون

٢٠٢١

Always listen to your heart.

You know!

Its on your left!

Thats why, its always right.

Abdul Rehman Pirzado

PROSE by PIRZADO ©
Book No. 19
Title:  Waba Joon Galhiyoon
Writer: Abdul Rehman Pirzado
Composer: Abdul Rehman Pirzado
Hyderabad
December 12, 2021
© Abdul Rehman Pirzado

# فهرست

تعارف ........ 5
نظم ........ 5
نثر ........ 6
ڪتابن جي لنڪ ........ 7
صحتمند گهريلو وهنوار ........ 8
وبا جون ڳالهيون ۔ ١ ........ 12
وبا جون ڳالهيون ۔ ٢ ........ 15
وبا جون ڳالهيون ۔ ٣ ........ 17
وبا جون ڳالهيون ۔ ۴ ........ 19
ميوٽيشن ........ 20
ويريئنٽ ........ 20
ويريئنٽ جي درجا بندي ........ 21
ڦهلاءُ ........ 23
علامتون ........ 23
پيچيدگيون ........ 24
بچاءَ جا اپاءَ ........ 25
ڪووڊ ۔ ١٩ فوتگي ........ 26
ڳالهه مان ڳالهه ........ 27
ٻاراڻي غربت ۽ ڪووڊ ۔ ١٩ ........ 32
ڪووڊ ۔ ١٩ ۽ انساني سماج ........ 34
وائرس جي بدليل شڪل ........ 35

ڪووڊ ـ ١٩ ويڪسين جي افاديت................ 40
تعليم جا هٿ ۽ وبا.......................................... 45
ويڪسين باوجود بيماري ٿيڻ - سبب......... 47
ٻيلي ڏاها ٿيو................................................. 51
جُونِڊ.......................................................... 52
ٻار بچايو ـ بزرگ بچايو.................................. 54
هڪڙي ڳالھ چوان........................................ 59
جاڙي وبا..................................................... 62
جي هيئن ڪجي........................................... 64
اوميڪران...................................................... 66
هڪ راءِ......................................................... 68
اشتراڪي وائرس.......................................... 70
سارس ـ ڪوو ـ ٢ ـ اوميڪران...................... 74
عالمي وبا ۽ ميسر ويڪسين......................... 79
اوميڪران ۽ انديشا...................................... 84
آر ـ ٻڙي يا ناٿ............................................ 90
ڪووڊ ـ ١٩ ويڪسينيشن............................. 91

# تعارف

**عبدالرحمٰن پيرزادو**

پيشو:

**ڊاڪٽر . پبلڪ هيلٿ اسپيشلسٽ**

تعليم:

ايم بي بي ايس، MBBS

ڊي سي ايچ، DCH

ايم ايس پي ايچ MSPH

ادبي صنفون:

شاعري، ڪهاڻي، ترجما، بلاگ

ڄم:

١٥ فبروري ١٩٦١

ڄم جو هنڌ:

ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ لڳ ٻلهڙيجي، يونين ڪائونسل مهين جو دڙو، لاڙڪاڻو.

**قلمي پورهيو:**

## نظم

١ . سنڌوءَ ڪپ تي

٢ . وفا جا بندي ـ ترجما
٣ . ڌرتيءَ جي ڏوڙ
۴ . انتظاری ـ اردو
۵ . دل جا حال
۶ . پورائي
٧ . ڪبوتري
٨ . ڪڙڪپيتو
٩ . چيڪلو

## نثر

١ . زندگيءَ سان واقفيت
٢ . ساٽياٽيءَ جا سور
٣ . گامونءَ جي ڳولھا
۴ . ڳالھيون پيٽ ورن ۾
۵ . اوتاڪ
۶ . دلجاءِ
٧ . ڳالھ مان ڳالھ
٨ . ڳالھ جو ڳجھ
٩ . سوچ ۽ لوچ
١٠ . اڌورو پنڌ

١١ . هڪڙي ڳالھ چوان
١٢ . دل جون ڳالهيون
١٣ . ڳالهين جون ڳالهيون
١۴ . جهان جون ڳالهيون
١۵ . وبا جا ڏينهن
١۶ . خوراڪ ۽ صحت
١٧ . ڪورونا ۾ ڪورونا
١٨ . وچڙندڙ بيماريون
١٩ . هاريءَ جو پٽ . کهاڻيون
٢٠ . وبا جون ڳالهيون.

## ڪتابن جي لنڪ

https://www.facebook.com/groups/294882815022204/?ref=share_group_link

https://www.facebook.com/groups/512807978809792/?ref=share

https://books.sindhsalamat.com/author/696

https://el.sindhculture.gov.pk/other-pdf-books

www.scribd.com

## صحتمند گهريلو وهنوار

پنهنجي گهرن ۾ عورتن ۽ ٻارن جو جيڪڏهن خيال رکئون ته بيمارين ۽ غذائي ڪميءَ جهڙن مسئلن کان بچي سگهجي ٿو. ڀلا جيڪڏهن سڀ ڪجهه اسان جي هٿن ۾ ڪونهي ماحول، فطرت، سياست سڀني جو ڪجهه نه ڪجهه حصو آهي تڏهن به ڪوڙ بهتري آڻي سگهجي ٿي.

هن عالمي وبا جي عالم ۾ گهرن ۾ هٿ ڌوئڻ، صاف سٿرو رهڻ جي روش اپنائڻ گهرجي.

الهڙ، نوجوان ۽ ٻار پيدا ڪرڻ جي عمر جون عورتون فطري طور هر مهيني ماهواريءَ جي عمل مان گذرنديون آهن. ڪين ان لاءِ ڪجهه خاص ضرورتون هونديون آهن، انهن شين جو به هر مهيني جي سودي سلف ۾ اضافو ڪرڻ گهرجي.

گهر ۾ ٽوائليٽ جي سهولت هجڻ گهرجي. ضروري ڪونهي ته مهانگا ٽانو يا فينسي ٽائيل هجن. رڳو چئوديواري، ڪو ڇاڪ - در - پردو، صفائيءَ لاءِ پاڻي، هٿن ڌوئڻ لاءِ صابڻ، پاڻيءَ جو

مناسب نيڪال، ڪيترين ئي وچڙندڙ بيمارين ڪان بچاءَ جو سبب بڻبو.

ننڍڙن ٻارن جو ڪاڪوس بہ ڪو بي ضرر ڪونهي. اهو ايئن تلف ڪريون جيئن ڪو ٻار، ٻڍو يا فرد ان مان متاثر نہ ٿئي.

کليل جڳهن، ٻنين، واهن ۾ هنگڻ واري عادت بدلائي مخصوص ٽوائليٽ استعمال ڪرڻ جي عادت اپنائيون.

عوام جي ملڪيتي صحت مرڪزن ۾ قائم اي پي آءِ سينٽر تان هر ٻار کي ٻن سالن جي عمر تائين ٻارنهن بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا ۽ ١٥ کان ٤٩ سالن جي سپني عورتن کي تشنج کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرايون. اهي سڀ ويڪسين بنا معاوضي مهيا ڪيون ويندين آهن.

پوليو، ارڙي، روبيلا يا ڪنهن ٻين بيماريءَ کان بچڻ لاءِ هليل قومي اميونائيزيشن جي مهم ۾ ٻارن کي ٽڪا بہ هڻايون، وٽامن اي بہ پياريون ۽ پيٽ جي ڪيڙن واري ٽڪي بہ کارايون.

ڪووڊ ـ ١٩ جي بنا ڪنهن معاوضي ميسر ويڪسين لڳرايون.

ڳورهاريءَ ڪي هر اميدواريءَ دوران اٺ دفعا ويجهي صحت مرڪز مان تپاس ڪرايون. ويم ڪنهن ويجهي عوام جي ملڪيتي ويم گهر ۾ ڪرائڻ جو بندوبست ڪريون.

نئين ڄاول ٻار ڪي پيدائش ڪان ڇهن مهينن جي عمر تائين صرف ۽ صرف ماءُ جي ٿڃ پيارڻ جو خيال رکئون. ڇهين مهيني جي عمر ڪان ٻارن ڪي گهر ۾ پچندڙ کاڌن تي هيرايون.

ياد رهي تہ بازر مان ورتل پڪل کاڌا صرف مجبوريءَ جي حالت ۾ استعمال ڪرڻ گهرجن.

گهر ۾ رڳو آيوڊين مليل لوڻ استعمال ڪريون.

گهرن ۾ مڇرن ڪان بچاءَ جو بندوبست ڪريون جنهن ۾ مڇرن ڀڄائڻ لاءِ دونهون، مهاريون وغيره شامل آهن.

گهر ۾ ڪو ٻاتي جيڪڏهن بيمار ٿئي تہ اجايو پاڻ هرتو دوائون استعمال ڪرڻ يا پاڙي اوڙي

مان دوائون پچڻ بدران ڪيس ويجهي صحت مرڪز ۾ مستند معالج کي ڏيکاري علاج ڪرائڻ گهرجي.

معالج جو تجويز ڪيل علاج مقدار، خوراڪون ۽ ڏينهن پورا ڪري ڏسيل ڏينهن تي واپس وڃي حال احوال ڏئي علاج مڪمل ڪجي جيئن پاڻ، گهرياتي صحتمند رهن.

# وبا جون ڳالهيون - ١

ڪووڊ - ١٩ جي بچاءَ وارين مڙني ميسر ويڪسين جي افاديت efficacy بہ ستر سيڪڙو جي لڳ ڀڳ آهي. ڪارڪردگي efficiency جي اجا خبر ڪونهي. جنهن جو مطلب ٿيو سيڪڙو اميونائيز ٿيل فردن ۾ ڪووڊ - ١٩ جي بيماري ٿي سگهي ٿي يا ايئن چئجي تہ هر اهو فرد جنهن ويڪسين جون بہ عدد خوراڪون حاصل ڪيون آهن، انجي بيمار ٿيڻ جي گنجائش، ٿيو سيڪڙو موجود آهي. انڪري ويڪسين مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ لاپرواهي بيماريءَ جو سبب ٿي سگهي ٿي.

اسان ڪي اهو بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ جنهن معاشري ۾ اسان روزانو اٿئون ويهئون ٿا اتي هڪ تہ ويڪسين لڳرائڻ جو رجحان گهٽ آهي، مٿئون وري اڪثريت ڪو احتياط بہ ڪونہ ٿي ڪري.

پلي توهان ذاتي طور ويڪسين مڪمل ڪرائي هجي پوءِ بہ هينين ڳالهين جو ڌيان رکڻ گھرجي.

١ . وٿيرڪو رهڻ

٢ . ماسڪ جو صحيح استعمال ڪرڻ ۽

٣ . صابڻ سان هٿ ڌوئڻ.

هتي اهو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اهڙا فرد جيڪي ڪنهن بہ سبب ڪري مستقل دوائون استعمال ڪندا آهن. انهن جي مدافعت جي صلاحيت اڳ ڪان متاثر هوندي آهي، جن ۾ ويڪسين جي ڪارڪردگي پڻ عام صحتمند فرد جي نسبت ۾ گهٽ هوندي آهي. انهن کي پنهنجو وڌيڪ خيال رکڻو پوندو.

اسانکي اهو بہ نہ وسارڻ گهرجي تہ بالغ فردن کي ايڏي وڏي تعداد ۾ ۽ سڄي دنيا ۾ هڪ ئي وقت اميونائيز ڪرڻ جو هي انوکو واقعو آهي جنهن مان سائنسدانن سميت سڀئي هر ڏينهن نيون نيون ڳالهيون، سبب ۽ ڪارڻ ڏسئون ۽ سکئون ٿا.

**انهي سڄي صورتحال ۾ اسان کي هڪ ذميوار فرد طور صحت کاتي طرفان ارڙهن سالن کان وڏي ڄمار جي سڀني فردن، بشمول ڳورهارين عورتن ۽ ٿڃ پيارينديڙ مائرن کي ويڪسين جي سهولت مان لاڀ حاصل ڪرڻ گهرجي.**

# وبا جون ڳالهيون - ٢

هڪ معزز ڊاڪٽر دوست لکيو آهي تہ:
سنڌ ۾ پوليو ٿن مهينن لاءِ آيو، اڄ ان کي ايڪٽيهہ سال ٿي ويا، پر ختم نہ ٿي سگهيو، افسوس.
ڪورونا اڄا پنج سال هلندو تہ ڇا پوءِ سنڌ جا اسڪول پنجئي سال بند رکيا ويندا ؟
ان لاءِ گهرجي تہ SOP تي سختي سان عمل ڪرايو،تعليم کي تباهيءَ کان بچايو

منهنجو عرض:
جيستائن گهٽين ۾ هنگدا رهنداسين ۽ گٽرن جو پاڻي واهن، ڪئنالن ۽ درياهن ۾ وهائيندا رهنداسين، پوليو تہ ڳڻ، ڳڻ هوندو.
خبر ناهي اهو ٿن مهينن وارو مفروضو توهان ڪٿان ڪڍي آيا آهيو.
باقي رهيو ڪووڊ - ١٩
سائين!

عالمي وبا ۾ ڪجهه چوڻ شايد مناسب ڪونهي.
توهان ته پاڻ ڊاڪٽر آهيو
جيڪڏهن توهانجي يا منهنجي گهر ڀاتيءَ کي
آڪسيجن گهرجي ۽ ميسر نه هجي ته توهانجو
ردعمل ڇا هوندو؟
جيڪڏهن توهانجي يا منهنجي گهر ڀاتيءَ کي
وينٽيليٽر جي سهولت گهرجي ۽ ميسر نه هجي
ته توهانجو ردعمل ڇا هوندو؟
تعليم جو بندوبست ٿيڻ گهرجي پر ٿورو انهن
هٿن (خانگي اسڪولن) جو سوچيو جيڪي ٨٠
والن جي گهرن ۾ ڏهه ڪلاس ۽ ٻاراڻو ڪلاس
ٻه هلائن ٿا؟
وبا کان بچڻ جون ترقيبون ته مستند آهن پر
جنهن سماج ۾ هٿن ڌوئڻ جو پاڻي ميسر نه هجي،
اڌواڌ آباديءَ کي ٽن ويلن جو آسرو نه هجي، اتي
ڪورونا جون SoPs لاڳو ٿينديون؟
اهڙا جاڳندي خواب نه ڏسو ته بهتر
رڳو اهي SoPs اسپتالن ۾ لاڳو ڪرائي ڏيکاريو
تڏهن ٻه سوپارا ٿينداسين.

## وبا جون ڳالهيون - ٣

هر مضمون جو اڌ ڪلاڪ جو ليڪچر تيار ڪري وڊيو اپلوڊ ڪرائجي. ڪٿي ۽ ڪيئن جو فيصلو اداري کي ڪرڻ گهرجي.

اها شروعات يونيورسٽين مان ٿيڻ گهرجي.

اسڪولن ۾ پبلڪ اسڪول، پائلٽ اسڪول، ڪامپريهينسو اسڪولن تي تعليم ڪاتي کي ذميواري رکڻ گهرجي.

نوجوان سبجيڪٽ اسپيشلسٽ کي انهن ادارن ڏانهن ڊيپوٽ ڪيو وڃي. جيئن اسڪرپٽ لکڻ، ايڊٽ ڪري ريڪارڊ ڪرائڻ جي تربيت بہ ميسر ٿئي.

ٽيچرس ٽريننگ ڪاليجن، يونيورسٽين جي ايجيوڪيشن ڊپارٽمنٽ ۽ ماس ڪميونيڪيشن ڊپارٽمنٽس کي بہ اڳتي اچڻ گهرجي.

يونيورسٽين ۽ بورڊن وارو ڪاتو ان ڏس ۾ اڳڀرائي ڪري.

ساڳي ريت ميڊيڪل ايجوڪيشن جي شعبي کي صحت سان لاڳاپيل ليڪچر تيار ڪرڻ ۾ استادن جي مدد ڪرڻ گھرجي.

هر مضمون جا

ليڪچر

ٽيوٽوريل

پريڪٽيڪل

ڊمانسٽريشن ۽

گھرو ڪم تي مشتمل وڊيو تيار ڪرڻ گھرجن.

نوٽ: جيڪڏھن ڪو به ادارو اھو ڪم ڪرڻ گھري ته منھنجون مشروط خدمتون حاضر آھن.

مثال طور پنجاب، پاڪستان جو ڪارنامو

https://www.elearn.gov.pk/onlineApp/index.php

## وبا جون ڳالهيون - ۴

ڪورونا وائرس (CoV) وائرس جي هڪ خاندان جو نالو آهي جيڪي انسانن ۾ هلڪي زڪام کان ويندي شديد بيماريءَ جو سبب بڻجن ٿا.

هن وائرس جنهن وائرس هيءَ عالمي وبا برپا ڪئي آهي اهو هڪ نئون ڪورونا وائرس (nCoV) آهي جيڪو ان کان اڳ ڪڏهن بہ انسانن ۾ ڪونہ ڏٺو ويو هو.

وائرس جو اِيپاس ڪندڙ بين الاقوامي ڪميٽيءَ The International Committee on Taxonomy of Viruses (ICTV) هن نئين وائرس کي سن ٢٠٢٠ جي يارهين فبروريءَ تي سارس - ڪوو - ٢ (SARS-CoV-2) جو نالو ڏنو ۽ صحت جي عالمي اداري هن نئين بيماريءَ کي ڪووڊ- ١٩ (COVID-19) جو نالو ڏنو.

وائرس جو اِيپاس ڪندڙ بين الاقوامي ڪميٽي، اهي نالا انهن وائرس جي جينياتي ترتيب ۽ فطرت جي آڌار تي طئي ڪندي آهي، جنهن ۾

آوازن وغيره جو پڻ خيال رکيو ويندو آهي. ايئن ڪرڻ سان ان مخصوص وائرس جو تشخيصي طريقو، ويڪسين، علاج، بچاءُ وغيره ڳولهڻ ۽ تحقيق ڪرڻ ۾ سائنسدانن کي سهولت ٿيندي آهي. وائرس ها نالا عمومي طور يوناني الفابيٽ تحت مرتب ٿيندا آهن جهڙوڪر الفا، بيٽا، گاما، ڊيلٽا، اوميڪران وغيره

## ميوٽيشن

وائرس پنهنجي جوڙجڪ، خول ۽ جينياتي مادي ۾ جيئڻ جا جتن ڪندي جيڪي تبديليون پيدا ڪندا آهن انهن کي mutation چئبو آهي. ميوٽيشن مان مراد وائرس جي جينوم (جينيٽڪ ڪوڊ) ۾ ٿيل هڪ تبديلي. ڪنهن بہ واائرس، ۾ ميوٽيشن هڪ عام فطري عمل آهي پر ڪجھ ميوٽيشن سندس وهنوار متائي کيس وڌيڪ گهاتڪ يا خطرناڪ بڻائيندايون آهن.

## ويريئنٽ

ورريئنٽ variant مان مراد آهي ڪنهن وائرس جي نئين شڪل جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ميوٽيشن ٿيون هجن.

وائرس جي انهن بدليل شڪلين کي صحت جو عالمي ادارو وائرس جو اپياس ڪندڙ بين الاقوامي ڪميٽيءَ جي صلاح سان درجابندي ڪندو آهي.

## ويريئنٽ جي درجا بندي

١ . ويريئنٽ جن جو اپياس جاري آهي
Variant being monitored
وائرس جون اهي شڪليون جيڪي اپياس هيٺ هجن.

- الفا Alpha (B.1.1.7 )
- بيٽا Beta (B.1.351)
- گاما Gamma (P.1)
- ايپسيلان Epsilon (B.1.427 & B.1.429)
- ايٽا Eta (B.1.525)
- لوٽا Iota (B.1.526)

- Kappa (B.1.617.1) ڪاپا
- Mu (B.1.621, B.1.621.1) مؤ
- Zeta (P.2) زيٽا
- ٢ . ويريئنٽ جن تي ڌيان رکڻو آهي .

variant of intrest

**وائرس جون اهڙيون شڪليون جيڪي ڌيان طلب هجن. هن سري هيٺ ڪورونا جو ڪو بہ ويريئنٽ ڪونهي**

**٣ . ڳڻتيءَ جوڳو ويريئٽ**
Variant of Concern

**وائرس جون اهي شڪليون جيڪي ڳڻتي جوڳيون هجن. جن مان وڌيڪ ڦهلجڻ جو خطرو هجي. جيڪي شديد علامتن جو سبب بڻجن. جن ۾ فوتگيءَ جو انديشو هجي.**

**هن سري هيٺ بہ عدد شڪليون آهن.**

- Delta (B.1.617.2)ڊيلٽا
- Omicron (B.1.1.529)اوميڪران

## ڦهلاءُ

بيمار فردن ۾ علامتون هجن يا نہ هجن ٻنهي حالتن ۾ اهي وائرس، ڦهلائڻ جو سبب ٿيا آهن. ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ علامتن وارا فرد پي سي آر ٽيسٽ ڪرائين ۽ انهن سان رابطي ۾ آيل فردن کي پڻ ساڳين تشخيص ڪرائڻ گهرجي جيئن بيماريءَ جو ڦهلاءُ رڪجي سگهي.



## علامتون

- بخار
- ڪنگهہ
- ساهہ ۾ تڪليف
- بي سبب ٿڪ
- ساهہ ۾ سوڙهہ
- سنڌن جو سور

- سيني جو سور

انڪان علاوه بہ ڪجهہ علامتون آهن جن جي ڪري مريضن کي علاج لاءِ رجوع ڪرڻو پيو آهي. هي علامتون وري پهرين کان گهٽ تعداد ۾ ظاهر ٿيون آهن .

- سوچڻ يا ڌيان ڌيڻ ۾ ڏکيائي
- مونجهارو
- جسم ۾ سور
- مٿي جو سور
- واري جو بخار
- دل جو بي سبب تيز ڌڙڪڻ.

## پيچيدگيون

ڪجهہ انتهائي تڪليف ڏيندڙ پيچيدگيون جيڪي ڪي عام ڪونهن پر هڪ اڌ مريض انهن سببن ڪري بہ اسپتال پيڙا ٿيا آهن. اهي آهن:

- دل جي مشڪن جي سوزش
- ڦڦڙن جي سوزش

- بکين جي سوزش
- وارن جو ڇڻڻ
- چمڙيءَ جي تڪليف
- ڇڪڻ ۽ سنگهڻ ۾ مشڪل
- ننڊ نہ اچڻ
- يادگيريءَ جا مسئلا
- سوچڻ يا ڌيان ڏيڻ ۾ ڏکيائيون
- مونجهه
- بيچيني
- فوتگي

## بچاءَ جا اپاءَ

- ويڪسين ڪرائڻ
- ڪنگهہ يا ڇِڪ اچڻ جي وقت پنهنجي وات کي ڪنهن ڪپڙي سان ڍڪيو.
- هٿن کي چڱي طرح صابڻ سان ڌوئي، صاف ڪريو يا 'الڪوحل' جو محلول هٿن تي مليو.

- کنگھ، بخار يا ساھ جي تکليف پانئيو تہ کنهن مستند ڊاڪٽر سان جلدي مشورو ڪريو.
- گهر کان ٻاهر هڪ ٻئي کان هڪ ٻانهن جي وٿي رکو يا گهٽ ۾ گهٽ ۳ فوٽ وٿيرڪا رهو.
- گهر کان ٻاهر جيڪڏهن ڪنهن دڪان، بئنڪ يا مارڪيٽ وڃو تہ ڪپڙي جو 'ماسڪ' استعمال ڪريو.

## ڪوود ـ ۱۹ فوتگي

ڪوود ـ ۱۹ فوتگيءَ مان مراد آهي اهڙي ڪا بہ فوتگي جنهن جو ڪو ٻيون سبب واضح نہ هجي ۽ فوتيءَ جو موت ڪنهن حادثي سبب نہ ٿيو هجي تہ ان کي ڪوود ـ ۱۹ فوتگي ڪري ڳڻبو.

ڪنهن بہ ڪوود ـ ۱۹ جي مريض جي چڱ ڀلائي ۽ موت وچ۾ وٿي نہ ڳڻڻ گهرجي.

وبا جي ڏينهن ۾ بنا سبب فوتگيون، ڪوود ـ ۱۹ فوتگي ڳڻي وينديون.

# ڳالھ مان ڳالھ

هڪ پروفيسر دوست لکيو: ڪرونا جي آڙ ۾ سنڌ جو هڪ پورو نسل جاهل رکي سنڌ خاص طور پهراڙين کي اونداهي غار واي دور ۾ ڌڪيو پيو وڃي. ڏڪڻ وارا دعوا بہ پنهنجائپ جي ڪن ٿا ۽ انهي پنهنجائپ جي نعري هيٺ پيپ پرين ٿا.

يا حسين......

هڪ انجنيئر صاحب لکيو: جڏهن ارڙيءَ جي ويڪسين، هر ٻار کي اسڪول ۾ ٿي سگهي ٿي. پوليو جا ڦڙا ، هر ٻار کي اسڪول ۾ پياري سگهجن ٿا. پوءِ ڪورونا جي ويڪسين اسڪول جي اندر ڇو نہ؟

بجاءِ اسڪول بند ڪرڻ جي، منجهن وئڪسين جي مهم شروع ڪجي. باقي هر ڪنهن کي پنهنجي منھ ڇڏبو تہ مشڪل آهي تہ هر ڪو وئڪسين ڪرائي. ڇو جو هر ماڻهوءَ سان الائي ڪيتريون مجبوريون لاحق آهن. انهن مان جان ڇٽندس تہ وئڪسين ڪرائيندو. اهڙو قدم ڪڻڻ

لاءِ سوچجي: جنهن ۾ وئڪسين به هر ڪنهن کي لڳي وڃي ۽ تعليم به متاثر نه ٿئي.

هڪ ٻئين پروفيسر صاحب لکيو: سنڌ جي تعليم جو پٽڙو پٽيندڙ واپاريو، منافعي خورو:

سڄي سنڌي قوم کي ڪورونا وسيلي مارڻ جي پٺيان ڇو پيا آهيو؟ اوهان جيڪو هٿ جهليو آهي، اوهان به ڪٽنب سميت ڪو نه بچندا. بهتر نه آهي ته ڇئن ڏوڪڙن جي ڪري زندگين تان هٿ نه کڻو...هڪ ٻئي جون فيس بوڪ پوسٽون پڙهي ڪورونا اسپيشلسٽ ٿي پيل ويچارن کي اردو ۽ انگريزي پڙهڻ کا نه اچي، پاڙي جي ڳوٺ ۽ شهر ۾ حجم ۽ سيڏي واري سيٺ ڪانسواءِ ڪين ڪير گڏ ڪو نه ويهاري، ڳالهيون اهڙيون ڪندا، پوسٽ اهڙي لکندا...

ملڪ کان ٻاهر به ملڪ آهن، جيڪي وڃن ڪرن پيا، جيڪي ڪورونا جي ڪري سيڙيل آهن، جن کي روزگار مهيا ڪندڙ ڪمپنيون بند ٿي ويون

آهن، جن جا ٻاهرين ملڪن ۾ هليل تعليمي سلسلا رڪجي ويا آهن، انهن کان به پڇو...

پاڻ ۾ پنهنجن کي بچايو نه بچايو، ٻين جي پنيان هٿ ڌوئي ڇو پيا آهيو؟

گهر جا ڪتا، گهر ۾ رهي به، ٻاهر جو آواز ٻُڌن ٿا، ردعمل ظاهر ڪن ٿا. خطري وقت ته باقاعدي ردعمل ظاهر ڪندا آهن. اسان جا اڪثر ماڻهو، ڪوهه جي ڏيڏرن کان به ويل، اهڙا ته اڪين پور ۾ ڪنن کان وڏا آهن، جو ڪورونا جي حوالي سان، ڪنهن تي به اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهن!

اهو سڀ ڪجهه تعليم نه هجڻ، درست تعليمي سرشتو نه هجڻ جو نتيجو آهي. جنهن ڪري دنيا جهان ۾ ڦهليل ڪورونا وائرس جي هن عالمي وبا کي صرف هتان جا ۽ هنن جهڙا ٻين چند ملڪن جا ماڻهو مڃڻ لاءِ تيار ناهن. حالت ته اها آهي، ڄاڻ نه هجڻ باوجود، پاڻ کي ڄاڻو سمجهي، پنهنجا فيصلا مڙهڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا، ٻئي کي ٻُڌڻ، پڙهڻ، سمجهڻ لاءِ تيار ئي ناهن!

ڇا ٿو ڪري سگهجي، سواءِ ان جي، ته منٿ ڪجي، مهرباني ڪري، ماڻهن کي پاڻ جهڙو ٿيڻ تي مجبور نه ڪريو، سهڪار نٿا ڪريو، ته ڪورونا کان بچڻ يا بچائڻ جي ڪوشش ڪندڙن کي سندن ڪم ڪرڻ ڏيو، تجويز ڪيل طريقن تي عمل ڪرڻ ڏيو، رڪاوٽون نه بڻجو.

انجنيئر صاحب کي منهنجو عرض ته ارڙيءَ جي ويڪسين اسڪول ۾ نه ٿيندي آهي. ارڙيءَ جو پهريون ٽڪو نون مهينن جي عمر ڪانپوءِ ترت لڳندو آهي ۽ ٻيون ٽڪو پندرهن مهينن جي عمر ۾ لڳندو آهي، خبر ناهي ان عمر ۾ ڪهڙا ٻار اسڪولن ۾ هوندا آهن. باقي ڪٿي ارڙيءَ جي وبا ڦهليل هجي ته ان علائقي ۾ ڇهن مهينن کان پندرهن سالن تائين واري ع.مر جي سيني ٻارن کي خاص ڪري ارڙيءَ کان بچاءَ جو ٽڪو لڳائبو آهي.

پهرين پروفيسر صاحب کي سندس آخري سٽ جي مبارڪ ڏيندي عرض ته سنڌ کو دنيا کان الڳ ٿلڳ غار ڪونهي. اهڙيون ڳالهيون ڪندي

ڪڏهن چوڏاري اڪ بہ ڦيرايو. وبا جي هن عالم ۾ اسڪول جنهن نموني سنڌ ۾ هلندا آهن، اهي ڪليل رکجن شايد ممڪن ڪونهي.

هڪ تہ اسان جي ملڪ ۾ ڪووڊ ـ ١٩ جي ويڪسين اجا ٻارن لاءِ ميسر ڪونهي. ان ڪري انهن کي بچائڻ جو واحد حل ڪين پيهہ ڪان پري رکڻ آهي.

ٻيون تہ اسڪولن مان ٻار جيڪا بيماري گهر کڻي ايندا، ان جون علامتون ٻارن ۾ تہ ظاهر بہ ڪونہ ٿينديون باقي انهن منجهان گهر ۾ موجود پنجاهہ سالن کان وڏي ڄمار جا ڀاتي سڪل پنن وانگر ڇڻندا. تعليم جي هٽن (خانگي اسڪولن) کي تہ رڳو منافعو گهرجي جيئن ماندليءَ وارو گٽڪو، سوپاريون ٻيڙيون هر ڪنهن کي پيو ڪپائي. معاشري تي ڪهڙو اثر ٿيندو ان جي ڪين ڪا پرواهہ ڪونهي.

زندگي رهي تہ تعليم جي ڪوٽ جو پورائو ٿي پوندو.

## ٻاراڻي غربت ۽ ڪووڊ-١٩

دنيا ۾ هلندڙ ڪووڊ-١٩ جي وبا جتي ملڪن جي معيشتن جا راڱا لاهي رهي آهي، اتي سماج جي ڏتڙيل طبقن خاص ڪري غريب ٻارن لاءِ به ڪو گهڻ مصيبت ڪونهي.

هڪ پاسي اسڪولن جي بندش، ٻئين پاسي ويران راندين جا ميدان ۽ ٽئين پاسي وري ٻاراڻي وهيءَ ۾ غربت.

ٻاراڻي غربت جيڪا دنيا ۾ هڪ منجهيل سُٽُ آهي جنهن سبب ڪروڙين ٻار چت، تعليم، ٻيپي، ڪاڏ خوراڪ جي گهٽتائي ۽ صحت جي سهولتن لاءِ محتاج آهن، هن وبا جي طفيل انهن ۾ غير معمولي اضافو ٿي رهيو آهي. جنهن سبب غربت جي چيڪلي ۾ ڦاٿل خاندان، ٻار ۽ عورتون وڏيڪ متاثر ٿي رهيا آهن. هن وبا جي ڪري انهن غربت جي ور چڙهيل ٻارن جي انگن اکرن ۾ چوڏهن ڪروڙ ويهه لک جي واڌاري جو شڪ ڏيکاريو پيو وڃي.

ياد رهي تہ يونيسيف مطابق وبا کان اڳ دنيا ۾ انهن غربت جي ور چڙهيل ٻارن جو تعداد ١.٢ بلين آهي.

دنيا ۾ موجود معاشي اڻبرابري ۽ سياسي ناانصافين جي ڪري غربت جي ور چڙهيل ٻارن جو انگ روزانو وڌي رهيو آهي. مٿئون وري اميونائيزيشن ۾ ٿيندڙ اڻبرابري ان کي واڌ ڏئي رهي آهي.

# ڪووڊ ـ ١٩ ۽ انساني سماج

**منهنجي هيءَ ڳالهه ياد رکجو ـ**

مان ڪو نجومي ناهيان، نڪا اڳڪٿي پيو ڪريان. هڪ سائنسي حقيقت آهي، جيڪا توهان جي سامهون رکان پيو. منهنجي علم، سمجهه ۽ ادراڪ مطابق دنيا مان ڪورونا وائرس جي مڪمل خاتمي جو ڪوبه امڪان ڪونهي. ويڪسين جي طفيل ڪووڊ ـ ١٩ جو ڏنگ مڏو ٿي ويندو. بيماريءَ سان انسان هري مري ويندا. بس پوءِ اها بہ مليريا، ايڊز، ڪاري کامڻ ۽ ٽي بيءَ وانگر رڳو غريب غربي جي بيماري ٿي ويندي.

ڪنهن دوست پڇيو تہ: انسانن کي Herd Immunity ' ڌڻ جو سهارو' ملندو.

سائين، هڪ تہ اسان انسان آهيون. سماجن ۾ رهئون ٿا. ڌڻن ۾ ڪونهئون هوندا. ٻيون تہ ڌڻ جو سهارو Herd Immunity مورڳو ٿيندو ئي ڪونهي. اهو هڪ مفروضو آهي، جيڪو سائنسي طورڪڏهن ثابت ناهي ٿي سگهيو.

## وائرس جي بدليل شڪل

ڏنو وڃي تہ شڪل مٽائڻ مڙني وائرس جي بنيادي خصلت آهي. جنهن عمل کي ميوٽيشن mutation چئبو آهي ۽ ان بدليل شڪل ۽ خصلتن واري وائرس جي قسم کي وري ويريئنٽ varient چئبو آهي.

اهو عمل انوقت وڌيڪ تيز ٿيندو آهي جڏهن وائرس جي پکيڙ وڌندي آهي ۽ ان کي واڌ ويجهہ جو ڪليل ماحول ميسر هوندو آهي. ڏٺو وڃي تہ اهو عمل وائرس پنهنجو وجود بچائڻ لاءِ پڻ اهو عمل ڪندو آهي.

وائرس ۾ ٿيندڙ اهي تبديليون گهڻو ڪري بي ضرر هونديون آهن پر ڪجهہ تبديليون وائرس جي اهڙي نئين قسم کي جنم ڏينديون آهن جنهن ۾ وڌيڪ بيمار ڪرڻ يا اگرا نتيجا ظاهر ڪرڻ يا وري ٻئي خصوصيتون هونديون آهن. ان سڄي عمل جو دارومدار سندس جسامت ۾ ٿيندڙ تبديلين جي نوعيت تي رهندو آهي.

هن وقت دنيا جنهن ڪووڊ ـ ١٩ جي برپا ڪيل عالمي وبا کي ڀوڳي رهي آهي، ان جو سبب بڻجندڙ ڪورونا وائرس جي خاندان جي ستين ڀاتيءَ سارس ـ ڪوو ٢ نالي واري وائرس ۾ پنهنجي جسامت ۽ خصلتن ۾ هزارين تبديليون ڪيون آهن جن مان ڪي ٽي يا چار ويريئنٽ اهڙا نڪتا آهن جن جي ڪري اهو سوال اڀريو آهي ته ٿوري عرصي ۾ تيار ڪيل مختلف ويڪسين ڪٿي هن وبائي بيماريءَ کان بچاءَ مهيا ڪرڻ واري پنهنجي افاديت ته نه وڃائي ويهنديون؟

ڏنو وڃي ته هن وقت ڪووڊ ـ ١٩ خلاف جيترين به ويڪسين دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اميونائيزيشن جي مقصد سان استعمال هيٺ آهن، اهي سيئي اڃا پنهنجي تياريءَ جي آخري مرحلي ۾ آهن ۽ جتي جتي استعمال ٿين پيون اتي انهن کي هنگامي استعمال جو اجازتنامو مليل آهي.

هن وقت تائين ميسر سائنسي جاچ موجب اهي ويڪسين ٿوري گهڻي فرق سان وائرس جي

بدليل شڪلين ڪان پڻ ڪجهہ نہ ڪجهہ بچاءُ مهيا ڪن ٿيون. چاڪاڻ تہ اهي ويڪسين انساني جسم جي بچاءَ واري سرشتي ۾ اهڙي تياري ڪرائين ٿيون جيڪا اميونائيز ٿيل فردن کي بيماريءَ جي اگرن نتيجن ڪان بچڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي. انهي سبب وائرس ۾ ٿيندڙ تبديلين جي ڪري ويڪسين بي اثر نٿي ٿئي.

انهي وايومنڊل ۾ جيڪڏهن ڪابہ ويڪسين گهٽ اثر ثابت ٿئي بہ ٿي تہ ان ۾ ردوبدل ڪري انکي بهتر ڪرڻ جي گنجائش ۽ صلاحيت موجود آهي.

سڄي دنيا ۾ موجود تحقيقي ادارا، ويڪسين تيار ڪندڙ ادارا ۽ صحت جو عالمي ادارو، سيئي ان ڏس ۾ چوڪس بہ آهن ۽ مسلسل انگ اکر بہ گڏ ڪري رهيا آهن جيئن ويڪسين جي مد ۾ ٿيل ڪاميابين جو تسلسل جاري رکي سگهجي.

هڪ پاسي جڏهن اهو سڀ ڪجهہ ٿي رهيو آهي تہ ٻئين طرف وائرس جي ڦهلاءَ کي روڪڻ جا سڀ طريقا پڻ جاري رکڻا پوندا جيئن وائرس جي

پڪيڙ گهٽجي، ايئن ڪرڻ سان وائرس ڪي تبديليون ڪرڻ جي وٿي نہ ملندي ۽ هن وقت تائين تيار ڪيل ويڪسين پڻ فائديمند رهنديون.
وائرس ۾ متوقع تبديليو روڪڻ لاءِ اسان ڪي بچاءَ جا سماجي طريقا جاري رکڻا پوندا جن ۾

- سماجي وٿي ڪرڻ.
- پيهہ کان پاسو ڪرڻ
- ماسڪ جو درست استعمال ڪرڻ
- صابڻ سان هٿ ڌوئڻ شامل آهن.

ان سان گڏوگڏ ويڪسين جي تياري، ملڪن جي ويڪسين تائين رسائي ۽ اميونائيزيشن تي پڻ ڌيان ڏيڻو پوندو.
منهنجي ناقص راءِ ۾ هن وقت دنيا ۾ ميسر سيئي ويڪسين اسان جي ڀلي لاءِ آهن. سيني جي افاديت بہ سائنسي حساب سان بهتر آهي.
انڪري ملڪ ۾ ميسر ويڪسين مان پنهنجي پنهنجي ملڪ جي حالتن پٽاندڙ لاڀ حاصل ڪريون.

**سڀئي ڳڌجي دنيا ۾ ويڪسين جي سراسري equitable دستيابيءَ لاءِ آواز بہ اٿاريون.**
**هن خطرناڪ وبائي مرض مان ڇوٽڪارو صرف اجتماعي طور منهن ڏيڻ سان ئي ممڪن آهي.**
**اسان سڀ تڏهن محفوظ ٿينداسين جڏهن اسان مان هرهڪ بنا ڪنهن رنگ، نسل، قوميت، شهريت ۽ طبقاتي فرق جي محفوظ رهندو.**

.We are all safe only if everyone is safe

# ڪووڊ ـ ١٩ ويڪسين جي افاديت

هن ڪووڊ ـ ١٩ جي عالمي وبا ۾ جتي دنيا اندر نئين اسريل سوشل ميڊيا آگاهيءَ ۾ غير معمولي ڪردار ادا ڪيو آهي اتي وري ساڳي وسيلي غلط خبرن ۽ مونجهارن ڪي پڻ عام ڪيو آهي.

ڏٺو وڃي ته هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ ڪووڊ ـ ١٩ جي هن وبائي مرض کان بچاءَ جون جيتريون ويڪسين ميسر ٿيون آهن، سائنس جي تاريخ ۾ ان جو ڪوبه مثال موجود ڪونهي.

اڄڪلهه جيڪو سوال هر خاص و عام جي زبان تي آهي اهو آهي مختلف ويسڪين جي 'افاديت'.

هاڻي سڀ کان پهريان اهو سمجهڻو پوندو ته ويڪسين افاديت ڇا آهي ۽ اها ويڪسين ڪارڪردگيءَ کان ڪيئن مختلف آهي.

افاديت ـ efficacy ويڪسين ٺاهيندڙ اداري پاران ڄاڻايل افاديت يا تاثير جيڪا سائنسي تحقيق دوران مخصوص ماحول اندر ڏسي ۽ پرکي سگهبي آهي.

ڪارڪردگي ـ effectiveness ويڪسين جڏهن عام حالتن ۾ فردن پاران مختلف ماحولن ۾ استعمال ڪئي وئي جنهن ڪي اميونائيزيشن چئون ٿا ته ان ڪانپوءِ استعمال ڪندڙ فردن ۾ انهي ويڪسين جو تاثير، اثر يا افاديت ڪيتري بچي.

انهن حالتن ۾ اهو ڏسڻو آهي جنهن تي تحقيق جاري آهي ته هنن مختلف ويڪسين جي ڪارڪردگي ڪٿي ٿي بيهي.

هتي هڪ ٻين ڳالھ به واضح ڪندو هلان ته افاديت پرکڻ جو ڪوبہ اهڙو ماپو يا معيار ميسر ڪونهي جنهن سان اسان مختلف ويڪسين کي هڪٻئي سان ڀيٽي اهو فيصلو ڪري سگهئون ته ڪهڙي ويڪسين وڌيڪ موثر آهي.

انهن سڀني سوالن کي سامهون رکي دنيا جي سائنسدانن اهو تجويز ڪيو ته ڪابہ ويڪسين جنهن جي تحقيق دوران افاديت پنجاهہ سيڪڙو ظاهر ٿئي ٿي اها عوامي سطح تي استعمال لاءِ فائديمند رهندي.

ڪن ۾ ٻن مختلف ويڪسين جي پيٽ ڪرڻ مناسب ڪونهي ڇو تہ تحقيق جي مرحلي ڪلينڪل ٽرائل لاءِ هر هڪ مختلف طريقا استعمال ڪيا آهن جن جي پيٽ ڪرڻ ممڪن ئي ڪونهي.

مجموعي طور سڀ ويڪسين ٿوري گهڻي فرق سان ڪووڊ ـ ١٩ جي بيماري، بيماريءَ جي اگرن نتيجن جهڙوڪ اسپتال داخل ٿيڻ ۽ موت جي شرح ۾ ڪميءَ جو سبب ڏنيون ويون آهن.

مثال طور جيڪڏهن اسان اهو چئون تہ آسٽرازينيڪا جي افاديت فائزر جي مقابلي ۾ گهٽ آهي تہ شايد ڀل ٿيندي ڇو تہ ڀلي فائزر جي ڪري بيماريءَ جو زور گهٽجندو هجي پر آسٽرازينيڪا جي ڪري موت جي شرح هڪ سئو سيڪڙو جي لڳ ڀڳ گهٽجڻ جون شاهديون مليون آهن.

مون تہ پاڪستان ۾ ميسر سائنوفارم جي ويڪسين پاڻ بہ لڳرائي آهي ۽ خاندان ۾ موجود

سڀني ڊاڪٽرن جن ۾ منهنجو پنهنجو اولاد بہ شامل آهي انهن کي بہ لڳرائڻ تي نہ رڳو راضي ڪيو آهي پر، انهن سڀني لڳرائي بہ آهي.

ساڳي صلاح انهن سڀني ماڻهن کي ڏيندم جن کي ملڪي ويسڪسينيشن هاٽ لائين 1166 طرفان آڇ ٿي آهي. هر ڪنهن کي گهرجي تہ ملڪ جي اميونائيزيشن پروگرام طرفان آڇيل ويڪسين لڳرائين. انهيءَ ۾ اسان سڀني جي انفرادي ۽ اجتماعي ڀلائي آهي.

اهو سڀ سامهون رکندي، جيستائين ملڪ جي اڪثريتي آبادي کو لڳ ڀڳ اسي سيڪڙو کي ويڪسين ميسر ٿئي، اسان بحيثيت فرد ۽ سماج پنهنجي روز جي معمول ۾ هينيون عادتون شامل ڪري رڳو پنهنجي نہ پر پوري سماج جي صحت بهتر ڪري هن وبا کي روڪي سگهئون ٿا

١ . وٿي رکڻ سان جٽيو هڪ شخص کان ٻئي شخص تائين نہ پهچي سگهندو ۽ فطري طور

پسم تي ويندو. هڪ ٻئي کان ٻانهن جيتري يا ٽن فوٽن. جي وٿي رکو.

٢ . صابڻ سان هٿ ڌوئڻ کي پنهنجو معمول بڻايون. ايئن ڪرڻ سان جٽيو پسم تي ويندو.

٣ . ماسڪ پهرڻ سان اسان جٽيئي جو ڦهلاءُ روڪي سگهئون ٿا. ماسڪ درست طريقي سان پهريو. ڪاڏيءَ يا نرڙ تي ماسڪ رکڻ مناسب ڪونهي.

٤ . پيهه وارين جڳهن تي وڃڻ کان پاسو ڪري جٽيئي جو ڦهلاءُ روڪي سگهجي ٿو.

٥ . ڪنگهڻ ۽ ڇڪ اچڻ مهل احتياط ڪرڻ سان پڻ جٽيئي جو ڦهلاءُ روڪي سگهجي ٿو. ٻنهي صورتن ۾ ڪو صاف ڪپڙو، ٽشو پيپر يا نونٽ جو استعمال ڪريو. هٿن ۾ ڪنگهڻ يا ڇڪ ڏيڻ جي عادت ختم ڪنداسين ته فائدو رهندو.

## تعليم جا هٿ ۾ وبا

هن عالمي وبا ۾ سڀ کان پهرين ترجيح زندگي آهي ۽ هجڻ گهرجي. ٻار جن ۾ هن وچڙندڙ بيماريءَ جون علامتون ظاهر نٿيون ٿين، اهي گهرن ۾ موجود پنجاهه سالن کان وڏي ڄمار جي گهرياتين لاءِ بيماري ۽ موت جو سبب بڻجي سگهن ٿا.

گهرن ۾ موجود مزدوريءَ جي عمر وارن لاءِ بيماريءَ جو سبب ۽ گهر جي چلهي جو موت ٿي سگهن ٿا.

اسان ماڻهن جو حافظو ڏاڍو ڪمزور آهي يا سوال ڪندڙ نوجوانن اهو ڪجهه ڪونه پوڇيو آهي جيڪو اسان پوڇي چڪا آهيون.

اها ڪا ايڏي پراڻي ڳالهه به ڪونهي سن ستر ١٩٧٠ جو زمانو هيو جنگ لڳي هئي، مٿان ملڪ ٽٽي ويو هيو ۽ تعليم جو پورو هڪ سال ضايع ٿيو هو. مان انهن ڏينهن ۾ ڇهين ڪلاس ۾ هيس ۽ اسان جڏهن ستين ڪلاس ۾ آياسين ته

اسڪول صبح جو انين وڳي کان شام جو ڇئين وڳي تائين هلائي پرپائي ڪئي وئي. خبر ناهي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ڪيئن پرپائي ٿي هئي. سنگت ان ڏس ۾ رهنمائي ڪندي.

پر سن اٺاسيءَ ١٩٧٩ واري مارشل لا ڪيئن وساريان جيڪا هڪ ڏهاڪي جو عذاب هيو ۽ اسان جا ميڊيڪل ڪاليج ۾ پورا ٽي سال ضايع ٿيا. جيڪي سن ١٩٨٠ ۾ داخل ٿيا سي سن ١٩٨٧ ۾ گريجويٽ ٿيا. اها ڊگري جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ سن اناسيءَ ١٩٨٨ ۾ جاري ڪئي ان تي لکيل آهي ته هيءَ سن چوراسيءَ ١٩٨٤ جو امتحان جيڪو سن ستاسيءَ ١٩٨٧ ۾ ورتو ويو، ان جي لاءِ جاري ڪئي وئي آهي.

هتي ته پوري دنيا جي صحت جو سوال آهي. پر شايد، انهن ڏينهن ۾ تعليم جا هٿ مطلب خانگي تعليمي ادارا اجا ڪون ڪليا هئا.

## ويڪسين باوجود بيماري ٿيڻ - سبب

ڏنو ويو آهي تہ ڪووڊ ۔ ١٩ کان بچاءَ جي ويڪسين لڳرائڻ کانپوءِ بہ ڪجھ فردن کي اها بيماري متاثر ڪري ٿي. ان جا ڪھڙا سبب ٿي سگھن ٿا.

دنيا هڪ سال کان بہ گھٽ عرصي ۾ هن عالمي وبا جي سبب بڻجندڙ وائرس کان بچاءَ جون ڪيتريون ئي ويڪسين تيار ڪري ورتيون ۽ انهن مان ڪروڙين فرد لاڀ بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

ڏنو وڃي تہ اهڙي ڪا بہ ويڪسين ڪونهي جيڪا سئو سيڪڙو استعمال ڪندڙن کي محفوظ رکي سگھي يا مرض جي ڦهلاءَ کي بالڪل ختم ڪري سگھي. انهي امڪان کي رد نٿو ڪري سگھجي تہ ويڪسين مڪمل ٿيل فرد بہ متاثر ٿي سگھن ٿا. ان عمل کي اڻ لکو انفيڪشن يا breakthrough infection چئبو آهي. جنهن جو امڪان سدائين موجود رهندو آهي. اها نہ تہ ڪا اڻٿيٽي آهي ۽ نہ

وري ويڪسين جي ناڪامي. ان جا پنهنجا سبب ۽ ڪارڻ هوندا آهن. پر ٿلهي ليکي ويڪسين جي مدد سان بيماريءَ تي ضابطو آڻي سگھبو آهي. ان لاءِ ڪنهن به ويڪسين جي افاديت efficacy ۽ ڪارڪردگيءَ effectiveness ڪي ضرور سامهون رکڻ گهرجي.

هتي مان اهو به واضح ڪندو هلان ته ڪووڊ-١٩ وارين مڙني ويڪسين جي افاديت ته معلوم آهي پر ڪارڪردگي اجا تائين طئي ٿيل ڪونهي. ان ڏس ۾ تحقيق جاري آهي. اسان جيڪڏهن مروج ويڪسين جهڙوڪر ارڙيءَ جي ويڪسين تي نظر وجهئون ته ان جي مدد سان ڪيترن ملڪن مان ته ارڙيءَ جو مڪمل خاتمو به ٿي ويو آهي پر جن ملڪن ۾ ان جي استعمال کي انهي گهربل حد تي نه پهچائي سگهيا آهيون، اتي ويڪسين ٿيل فردن ۾ به ٻيهر ارڙي ٿيڻ جون شاهديون مليون آهن. اهڙن ملڪن ۾ اسان جو ملڪ به شامل آهي جتي هر سال ارڙي وبا جي شڪل ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

اهو بہ ممڪن آهي تہ هيءَ ڪووڊ جي ويڪسين جيڪا بالغ فرد واپرائن ٿا انهن فردن ۾ اڳ ڪان موجود مختلف بيمارين، انهن خلاف جڙيل مدافعتي نظام ۽ فرد جي ذاتي صحت بہ ڪو ڪردار ادا ڪندا هجن، جنهن تي پڻ تحقيق جاري آهي. انڪري بجاءِ ڪو ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ جي ۽ ويڪسين مان آسرو لاهڻ جي بهتر موت جي اميد رکي اسان کي ويڪسين جو استعمال جاري رکڻ گهرجي ۽ گڏوگڏ بچاءَ جا ٻيا اپاءَ جهڙوڪر

- هٿن کي صابڻ سان ڌوئڻ،
- هڪ ٻئي کان وٿيرڪو رهڻ،
- پيهہ کان پاسو ڪرڻ،
- ماسڪ جو استعمال ڪرڻ پڻ جاري رکڻ گهرجن.

اسان کي اهو بہ ڌيان رهي تہ وائرس بہ پنهنجي بچاءَ لاءِ تيزيءَ سان شڪليون مٽائي رهيو آهي جنهن جو تازو مثال پاڙيسري ملڪ ۾ 'ڊيلٽا' وائرس جو ظاهر ٿيڻ آهي. هي وائرس بنيادي طور هڪ "الفا" وائرس طور سامهون آيو هو.

اھا وٿي جيڪا اسان ويڪسين نہ لڳرائي وائرس کي مھيا ڪري رھيا آھيون، پڻ ھڪ خطرناڪ رجحان آھي. جنھن تي جيترو جلد نظرثاني ڪنداسين اوتري وڌيڪ ڪاميابي ملندي.

اميد اھا ڪرڻ گھرجي تہ سائنسدان ۽ تحقيقڪار اسان کي ان اٽلڪي انفيڪشن کان بچڻ جا طريقا ڳولھي ڏين جيئن ھن غير معمولي عالمي وبا تي ضابطو آڻي سگھجي. ان لاءِ ھر فرد کي پنھنجو پنھنجو ڪردار مثبت نموني ادا ڪرڻو پوندو.

## ٻيلي ڏاها ٿيو

انساني سماج جي تاريخ جي هن انوکي عالمي وبا ۾ اسڪول بند ڪرڻ، بازارون بند ڪرڻ، سواريون بند ڪرڻ شايد زندگيون بچائڻ ۽ سماجي پوئِنا گھٽائڻ جو واحد رستو آهي.

سنڌ ۾ هر ٻيون شخص بنا سوچڻ سمجهڻ جڦ ان تي ايئن ٿو ڇٽرون ڪري جھڙوڪر اهي ڪم رڳو سنڌ ۾ پيا ٿين يا وري ڪي رڳو پاڪستان ۾.

يارو! ڪڏهن ڪڏهن چوڏاري اڪ ڦيرائي به ڏسبو آهي. جن حڪمت عملين کي سڄي دنيا جا سائنسدان سماج لاءِ بهتر سمجهن ٿا ۽ دنيا انهن کي پنهنجي روزمره جي وهنوار ۾ شامل پئي ڪري، انهن تي ايئن ڇٽرون ڪرڻ ڪو سنو سنئون ڪونهي.

## جُوڙِ

ڪجهه سنگت کي لڳي ٿو تہ ڪو نئون وائرس ميدان ۾ لٿو آهي پر ايئن ڪونهي. اها ڪووڊ - ١٩ جي عالمي وبا برپا ڪندڙ وائرس جي هڪ نئين شڪل آهي.

سارس - ڪوو - ٢ نالي وارو ڪورونا وائرس جنهن هيءَ عالمي وبا برپا ڪئي آهي، اهو جيئڻ جا جتن ڪندي تيزيءَ سان پنهنجون شڪليون پيو مٽائي. شروعات ۾ اهو 'بيٽا' وائرس هيو ۽ هاڻي ويڪسين اچڻ ڪانپوءِ جوڻ مٽائي 'ڊيلٽا' ٿي ويو آهي.

ڊيلٽا قسم وارو سارس - ڪوو - ٢ اڳي ڪان وڌيڪ تڪڙو ۽ گهاتڪ پڻ آهي، مطلب ٿوري عرصي ۾ گهڻا، ماڻهو بيمار ڪري ٿو ۽ بيماريءَ جي شدت بہ اڳئين بيٽا وائرس کان سرس ٿئي ٿي.

- جلدي ويڪسين لڳرايو.
- هڪبئي کان وٿيرڪا رهو
- پيهہ ۾ نہ وڃو

- هروپرو سفر نہ ڪريو
- هٿن کي صابڻ سان صاف ڪندا رهو
- ماسڪ جو استعمال ڪريو
- طبيعت خراب لڳي تہ پنهنجي معالج سان صلاح ڪريو.
- سير سپاٽي کان پاسو ڪريو
- هوٽلن تي نہ ويهو
- شهرن کان ٻوڻن ڏي سفر ڪرڻ کان پرهيز ڪريو
- عمر رسيده والدين ۽ مٿن مائٽن سان ملاقات مهل ماسڪ جو استعمال ڪريو
- ٻارن کي ٽيوشن تي نہ موڪليو

# ٻار بچايو ـ بزرگ بچايو

جن دوستن جو خيال آهي تہ اسڪول ڪلڻ سان ڪووڊ ـ ١٩ اسڪولن ۾ ڦهلجندي، اهي شايد صحيح نہ پيا سوچين. هيءَ بيماري اسڪولن ۾ نہ پر اسڪولن مان گهرن ۾ ڦهلبي ۽ انجو شڪار ٿيندا گهرن ۾ موجود اهي بزرگ جيڪي پنهنجي وڏي عمر سبب بازر جي پيهہ ۽ وائرس جي خوفناڪين ڪان اجا تائين بچيل آهن.

هن وقت سارس ـ ڪوو٢ وائرس جو جيڪو ڊيلٽا قسم ملڪ ۾ ڦهليل آهي، اهو انهن لاءِ تمام خطرناڪ آهي.

اسان پنهنجي عجب سماجي روئيي سبب انهن بزرگن کي ويڪسين بہ ڪونهي لڳرائي جو ڪيترن جا تہ شناختي جارڊ بہ نهيل ڪونهن، خاص ڪري عورتن جا جن کي ملڪيتن مان حصو نہ ڏيڻ لاءِ اسان انهن کي جيئري ڳٽڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. انهن بزرگ شهرين ۾ بيماري بہ شديد ٿيندي ۽ نتيجي طور اسپتالن جا انتهائي

نگھداشت وارا وارڊ پرجڻ شروع ٿيندا جيڪي ھن وقت بہ ڪو خالي ڪونہ پيا آھن. آڪسيجن سلينڊرن جي گھرج ملڪ جي پيداواري صلاحيت ڪان وڌي ويندي. ان ڳالھ ڪي پلي پت سمجھڻ جي ضرورت آھي.

مسئلو ٻارن ۾ بيماري ڦھلجڻ جو ڪونھي. مسئلو ٻارن وسيلي بيماريءَ جو انھن فردن تائين پھچڻ آھي جيڪي ڪنھن سبب ڪري اڄ بہ گھرن ۾ ان وچڙندڙ بيماريءَ ڪان محفوظ آھن.

جيڪي دوست پڇن ٿا تہ بازارون، ٽرانسپورٽ، جلسا جلوس، عبادتگاھون، مزارون ڪليل آھن تہ اسڪول ڇو نہ؟

انھن لاءِ عرض تہ گھرن ۾ عمر جي ڪري محسور اھي بزرگ شھري انھن مان ڪنھن بہ ھنڌ ڪونھن ويندا. انھن لاءِ بيماري ٻار اسڪولن مان ڪٽي ايندا.

ڪجھ نوجوان دوست جن ڪي انٽرنيٽ ۽ عالمي خابرو ادارن تائين رسائي آھي ۽ انھن اھي

خبرون پڙهيون آهن تہ ڪجهہ سرنديءَ وارا ملڪ ١٢ ڪان ١٨ سالن جي ٻارن کي فائزر يا ميڊونا جون mRNA ويڪسين تجويز ڪن ٿا، انهن لاءِ عرض تہ صحت جي عالمي اداري WHO جي ماهرن جي راءِ بہ پڙهو ۽ هندايو تہ جيستائين سڄي دنيا ۾ طبقاتي فرق ڪانسواءِ ١٨ سالن ڪان وڏي عمر جي فردن جي ويڪسين گهٽ ۾ گهٽ ٨٠ سيڪڙو تائين نٿي پهچي، ياد رهي تہ اهو سڄي دنيا جي ملڪن لاءِ حدف آهي. تيستائين ٻارن کي ويڪسين ڪرڻ زيادتي ٿيندي ڇو تہ ويڪسين جي ڪري فرد جو بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ شديد بيمار ٿيڻ جو انديشو تہ گهٽجي ٿو وجي پر سماج ۾ ڦهلاءُ روڪڻ جي ڪا بہ ضمانت ڪونهي.

ان صورتحال ۾ ٻار جيڪڏهن ويڪسين ٿيل بہ هوندو تڏهن بہ بيماري گهر جي بزرگن لاءِ خطرو رهندي. هاڻي جيڪڏهن ان سڄي سائنسي معلومات باوجود اسان اسڪول کولڻ تي ضد

ٻڌيو بيٺا آهيون ته هيٺيان اپاءَ لازمي طور وٺڻا پوندا.

١ . اسڪول ۾ ٻار هڪ ٻئي کان هڪ ميٽر وٿيءَ سان ويهارڻ گهرجن

٢ . اسڪول ۾ هر ٻار، استاد ۽ عملي کي هروقت ماسڪ پهريل هجي

٣ . اسڪول ۾ صابڻ سان هٿ ڌوئڻ جي سهولت موجود هجي

٤ . اسڪول جي هڪ ١٢ فوٽ ويڪري ۽ ١٥ فوٽ ڊگهي هوادار ڪلاس ۾ وڌ ۾ وڌ ويهه ٻار هجن

٥ . اسڪول ۾ ٻارن جي ترسڻ جو وقت وڌ ۾ وڌ ٽي ڪلاڪ هجي.

٦ . هر ٻار هفتي ۾ صرف ٽي ڏينهن اسڪول وڃي.

٧ . اسڪول ۾ هر استاد، ٻار، ڪم ڪندڙ عملي توڙي گاڏين جي ڊرائيورن ۽ ڪلينرس جي روزانو پي سي آر ٽيسٽ ڪرڻ گهرجي.

٨ . جنهن ٻار جي ٽيسٽ پازيٽو اچي، ان ڪي آئسوليشن جي سهولت مهيا ڪجي ۽ سڄي خاندان جي ٽيسٽ بہ ڪجي ۽ انهن ڪي ڪوارنٽائين جي سهولت بہ مهيا ڪجي.

جيڪڏهن اسان اهو بندوبست ڪري سگهئون ٿا تہ اسڪول کولڻ ۾ ڪو حرج ڪونهي.

## هڪڙي ڳالھ چوان

وڃ!

صفا سائنس جي منهن ۾....

سنڌ جي ميڊيڪل ڪاليجن کي پنهنجي تعليم ۽ تربيت تي ڌيان ڏيڻ گهرجي.

سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کي گهرجي تہ 'ڊاڪٽر' سڏرائيندڙن جي تعليمي قابليت جي چنڊڇاڻ ڪري. ڪٿي اهي عطائي پاڻ کي سوشل ميڊيا تي ڊاڪٽر لکي عوام کي هن عالمي وبا جي عالم ۾ گمراھ تہ نہ پيا ڪن. ڪميشن کي گهرجي تہ ڪو رپورٽنگ پورٽل جاري ڪري تہ جيئن انهن صاحبن جون لکتون ڪين موڪلي سگهجن ۽ پوءِ انهن لکتن جي چنڊڇاڻ ڪري اهڙن فردن کان پريڪٽس جاري ڪرڻ لاءِ ڪو لکت ۾ امتحان وٺي.

پاڪستان ميڊيڪل ڪميشن کي گهرجي تہ ڪو رپورٽنگ پورٽل جاري ڪري تہ جيئن انهن صاحبن جون لکتون ڪين موڪلي سگهجن ۽ پوءِ

انهن لکتن جي چندچاڻ ڪري اهڙن فردن کان لائسنس جاري ڪرڻ لاءِ اهڙو ساڳو امتحان وٺي جهڙو غيرملڪي سنديافته ڊاڪٽرن کان ورتو ويندو آهي.

پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن، لڳي ٿو مشڪري ٿي جو اها ته اڳي ئي مشڪرن سان سٿي پئي آهي پر جي ڪي سنجيده دوست آهن ته ڪو بلو ڪن. پنهنجي ميمبرن لاءِ ڪو ضابطو مرتب ڪن.

پاڪستان پيڊياٽرڪ ايسوسيئيشن پنهنجي ميمبرن جيڪي لازمي طور صرف ٻارن جي بيمارين جا معالج هوندا، انهن کي ڪوو‌ڊ - ١٩ جي هن پبلڪ هيلٿ جي الميئي تي هروڀرو راءِ زني ڪرڻ کان تنظيمي طور روڪي.

ساڳو ڪم سنڌ جي مڙني سرڪاري ۽ غيرسرڪاري اسپتالن، ادارن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين کي ڪرڻ گهرجي جيئن غير وابسته صاحب هروڀرو غلط خبرون نه ڦهلائين. باقي

رٽائر ڊاڪٽرن کي ڪير روڪيندو، اها خبر مونکي تہ ڪونهي.

هي بلاگ گذريل چوويهن ڪلاڪن ۾ مختلف فردن جيڪي پاڻ کي ڊاڪٽر چون ٿا جي بالڪل غيرسائنسي ۽ لغو پوسٽن ۽ راين پڙهڻ ڪانپوءِ مجبوريءَ جي عالم ۾ لکيو آهي.

## جاڙي وبا

يورپ ۽ آمريڪا ۾ تہ چون ٿا موسمي زڪام seasonal flue ۽ ڪوووڊ - ١٩ هن سال سياري ۾ جاڙي وبس Twindemic برپا ڪري سگهن ٿا.

انهي ايڪويهين صديءَ جي جاڙي وبا جا جيڪي هاجا ٿيندا اهي تہ پنهنجو مٿ پاڻ هوندا. جنهن ڪان بچاءَ لاءِ ويڪسين ڪرائڻ تي زور ڏنو پيو وڃي جيئن حياتيون بچائي سگهجن.

الاجي چو هن سرمائيداريءَ جي سانوڻ جا انڌا اسان جهڙن سماجن ۾ غربت ۽ ڪاڌخوراڪ جي اڻاٺ کي جاڙي وبا چو نٿا سمجهن. جنهن جي عذاب ۾ هتان جي اڌ ڪان بہ وڌيڪ آبادي ڏهاڪن ڪان مبتلا آهي. هتي اهو بہ واضح ڪندو هلان تہ انهن ٻنهي هاجن کي ڪنهن بہ ريت هڪٻئي سان ڀيٽي ڪو نتيجو ڪڍڻ ابهرائي ٿيندي.

منهنجو عرض رکڻ جو مطلب صرف اهو آهي تہ اها موسمي زڪام ۽ ڪوود- ١٩ واري جاڙي وبا پهرين نہ پر ٻين جاڙي وبا ٿيندي. پهرين جاڙي

وبا جو مڪمل علاج موجود هوندي بہ اسان ان ڪان غافل آهيون تہ ٻين جي ڪهڙي تياري ڪنداسين. جڏهن دنيا ويڪسين اڻبرابري، ويڪسين قومپرستي، ويڪسين سياست ۽ ويڪسين ذخيره اندوزيءَ جهڙين بيمارين ۾ مبتلا پئي ڏسجي.

هڪڙي پاسي امير ملڪن جي اسي سيڪڙو آباديءَ ڪي ڪوود ـ ١٩ ڪان بچاءَ لاءِ ويڪسين لڳي چڪي آهي ۽ اهي پنهنجي شهرين ڪي ٽيون ڊوز پيا لڳائين تہ ٻئين پاسي غريب ملڪن جي رڳو ٻہ سيڪڙو آبادي ساڳي ويڪسين جي سهولت حاصل ڪري سگهي آهي.

# جي هيئن ڪجي

وبا جي ڏينهن ۾ اوچتو پاڻ يا ڪنهن پياري جي بيمار ٿيڻ جي صورت ۾ ڪجهه ڳالهيون جن جي اڳواٽ تياري ڪري سگهجي ٿي.

1. علاج لاءِ:
   - ڊاڪٽر جو فون نمبر
   - ويجهي عوام جي ملڪيتي سرڪاري اسپتال جو فون نمبر
   - ايڌي يا ڪنهن ٻين ايمبولنس سروس جو فون نمبر
2. مدد لاءِ:

   گهرياتي، دوست داڙيءَ جو فون نمبر
3. دوا درمل:
   - پيراسٽامول جون گوريون
   - ماسڪ
   - هٿن ڌوئڻ لاءِ صابڻ
   - سينيٽائيزر
   - پاڻي گڏ ڪٽڻ لاءِ ڪا بوتل
   - موسم آهر هڪ اڌ ڪپڙن جو جوڙو

4. گهر ڀاتين کان الڳ ٿلڳ، وٿيرڪي رهڻ جو بندوبست
5. مشڪل گهڙيءَ ۾ اسپتال وڃڻ لاءِ سواريءَ جو بندوبست
6. ٻارن جي سارسنڀال لاءِ ڪنهن مٽ، مائٽ يا دوست جو بندوبست
7. سفر لاءِ گهربل هنڌ، ٿپڙ، ٿانءُ ٿپي جو بندوبست
8. سفر لاءِ ڪجهه روڪ رقم پاسيري ڪري رکجي.
9. هيٺين ڳالهين جو هر وقت ڌيان رکڻ گهرجي.
    - هڪ ٻئي کان وٿيرڪو رهڻ،
    - ڇيھ کان پاسو ڪرڻ.
    - ماسڪ جو صحيح استعمال ڪرڻ
    - صابڻ سان هٿ ڌوئڻ يا سينيٽائيزر استعمال ڪرڻ.

# اوميڪران

ڪووڊ ـ ١٩ جي عالمي وبا برپا ڪندڙ ڪورونا خاندان جي ستين ياتي 'سارس ڪوو ـ ٢' جي نئين شڪل B. 1.1.529 جيڪا ڏکڻ آفريڪا ۾ سڄاتي وئي. هن شڪل جي وائرس ڪي صحت جي عالمي اداري طرفان 'اوميڪران' omicron نالو ڏنو ويو آهي. اهو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي تہ وائرس جي هيءَ شڪل وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿي.
ياد رهي تہ وائرس جيئڻ جا جتن ڪندي پنهنجون شڪليون ۽ خاصيتون تبديل ڪندو آهي جنهن کي جينيٽڪ ميو ٽيشن چئبو آهي. انهي عمل جو سبب ويڪسين اڻ برابري، هرويرو جون دوائون استعمال ڪرڻ، ويڪسين نہ لڳرائڻ ڄاڻايو ويو آهي.
عالمي وبا ۾ هوندي هن نئين بدليل صورتحال ۾ برطانيا ۽ يورپ، ڏکڻ آفريڪي ملڪن تي سفري پابنديون لاڳو ڪيون آهن.

دنيا جي موجود صورتحال ۾ وائرس جو اهو قسم ڪنهن هڪڙي ملڪ يا ڪنڊ تائين محدود رهي، اهو ممڪن ڪونهي. انڪري ويڪسين لڳرائڻ ۽ زندگيءَ جي معمول ۾ احتياط ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي.اوميڪران تي صحافتي تجزين کي سائنس نہ سمجهڻ گهرجي. شايد ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو.

هن وقت صرف ڳڻتي جوڳي شڪل varient of concern جو مقام اٿس. وڌيڪ اڳتي ڇا ٿو بيهي صحت جي عالمي اداري طرفان ايندڙ پڌرنامي جو انتظار ڪرڻ گهرجي.

## هڪ راءِ

منهنجي ناقص راءِ ۾ ايڪويهين صديءَ ۾ ڪو بہ سماج صرف ٻن بنيادن تي اڏي سگهجي ٿو يا ايئن چئجي تہ ڪا بہ معيشت ساڳاهي سگهي ٿي.

١ . مارڪسزم

٢ . ردِ مارڪسزم

باقي ڪو بہ سماج طبقاتي وچوٿيون ختم نٿو ڪري سگهي.ڪووڊ ـ ١٩ جي عالمي وبا تہ منهنجي ان مفروضي کي عجيب جِلا بخشي آهي. جنهن جو تازو مظهر اومنيڪران جو اعلان ۽ سرمائيداراڻين نام نهاد جمهوريتن ۽ معيشتن جو ڏکڻ آفريڪي ملڪن ڏانهن روئيو آهي.

سڄي دنيا هن عالمي وبا پاران پيدا ڪيل معاشي بحرانن کي ردِ مارڪسزم جي بنيادن تي منهن ڏنو آهي. اهو صحت جون سهولتون وقتي قوميائڻ هجن، بنا معاوضي ڪووڊ جي ٽيسٽ هجي، ڪووڊ خلاف ويڪسين جي تياري هجي، ڪووڊ خلاف ويڪسين مهيا ڪرڻ هجي،

رياست پاران ماڻهن جي گهرن جو پاڙو ڏيڻ هجي، ٻارن جي تعداد آهر معاشي سهائتا هجي يا گهٽ ۾ گهٽ بنيادي آمدنيءَ جو بحث هجي.

جن ملڪن ۾ پاپولسٽ، بنياد پرست، مشڪرا هائبرڊ نظامن تحت ٿاڦيل آهن، اتي اڄ ڪان وڏيڪ مقامي پيداواري سگهه رڳو ملڪن جا اڳيان قرض لاهڻ تي خرچ پئي ٿئي. ٿورو تصور ڪريو ته گهر جي آمدنيءَ جو اڌو اڌ جيڪڏهن قرض لاهڻ تي خرچ ٿيندو ته گهر ڪيئن هلندو. ظاهر آ قرض تي. پوءِ قرضيءَ جي ڪهڙي مرضي هلندي. ٻار ڪيئن پڙهائيندو، صحت جون سهولتون ڪٿان ايندين، ويلي جو بندوبست ڪيئن ٿيندو. قرضي رڳو هَٿَ وڏائيندو مطلب گهٽا ٻار ڄڻيندو. انهي آسري ته گهٽا هٿ هوندا ته آمدني وڌندي جيڪا هڪ خام خيالي آهي. ايئن رڳو ٻاتي وڌندا. مٿئون جهالت وڌندي، بيماري وڌندي، بک وڌندي، غربت وڌندي. بس، اڪين جو ڍؤ.

نوٽ: اختلاف جو حق استعمال ڪندي پنهنجي راءِ رکڻ جي عام دعوت.

# اشتراڪي وائرس

سن ٢٠٢٠ع جي مارچ مهيني جي يارهين تاريخ تي صحت جي عالمي اداري ڪورونا وائرس جي ستين پاتيءَ سارس - ڪوو - ٢ جي برپا ڪيل ڪووڊ - ١٩ جي وبا کي عالمي وبا قرار ڏنو. انهي نسبت سان اڄ انهي عالمي وبا جي عمر آهي ٦٣١ ڏينهن. انهن ڇهه سئو ايڪٽيهن ڏينهن ۾ دنيا اندر چويهه ڪروڙ پاويهه لک فرد بيمار ٿيا آهن جن مان پاونجاهه لک اجل جو شڪار ٿيا آهن. پاڪستان ۾ انهي عرصي دوران پارهن لک، اسي هزار فرد بيمار ٿيا جن مان ٢٨،١٨ اجل جو شڪار ٿيا جن مان سنڌ ۾ بيمارن جو تعداد چار لک پنجهتر هزار ۽ فوتگيون ٦،٢١ ٿيون آهن.

سڄي دنيا ۾ اٺ بلين فردن يعني چوونجاهه سيڪڙو ٥٤٪ آباديءَ کي ويڪسين مهيا ٿي آهي جن مان غريب ملڪن جي شهرين جي حصي ڇهه سيڪڙو جي ڪان ٻه گهٽ ٥٠٢٪ ويڪسين آئي آهي. سڀ ڪان جهجهي اثانوي سيڪڙو ٩٨٪ گڏيل عرب امارتن جي شهرين ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻه

سيڪڙو ٢٪ نائجيريا جي شهرين کي ميسر ٿي آهي. ڏنو وڃي ته ويڪسين جي سهولت حاصل ڪرڻ وارن مان اٺيتاليهه سيڪڙو شهري امير ملڪن جا آهن جن کي ويڪسين ملي سگهي آهي. پاڪستان ۾ اهو تناسب ڇٽيهه سيڪڙو جي لڳ ڀڳ آهي، جن مان ٻاويهه سيڪڙو جي ٻن خوراڪن واري ويڪسين مڪمل ٿيل آهي.
صحت جي عالمي اداري طرفان ڏسيل دڳ مطابق ڊسمبر ٢٠٢١ع تائين سراسري طور هر رڪن ملڪ ۾ چاليهه سيڪڙو ٤٠٪ ۽ جون سن ٢٠٢٢ع تائين جيڪڏهن ستر سيڪڙو ٧٠٪ آباديءَ کي ويڪسين ميسر ٿئي ته دنيا هن عالمي وبا جي ڪيفيت مان ٻاهر نڪري سگهي ٿي. اهو حدف سٺ سالن کان وڏي ڄمار ۽ اڳ کان ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا فردن لاءِ تجويز ڪيو ويو آهي. صورتحال ان جي بالڪل ابتڙ آهي.
عجب نظارو هن عالمي وبا برپا ڪيو آهي جنهن اندر جيڪا دنيا جي درگت بڻي آهي، ان جو حل صرف اشتراڪيت آهي مطلب ملڪن جي امير يا

غريب مالي حيثيت کان مبرا جيڪڏهن ويڪسين معاشي حيثيت ۽ برابريءَ کان هٽي سراسري بنيادن تي سڀني ملڪن کي ميسر ڪئي وڃي ته دنيا لاءِ هيءَ عالمي وبا جهاڳي تڙ پئجڻ ممڪن آهي.

ويڪسين جي تياريءَ تان سرمائيدار جي مالڪي (patent) ختم ڪري اسرندڙ ملڪن کي اها سائنسي ڄاڻ مهيا ڪئي وڃي جيئن هو گهٽ لاڳت سان سندي ملڪ ۾ ويڪسين تيار ڪري سگهن. هن وقت چند سرمائيدارن يا ڪمپنين جي هڪ هٽي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن هي وائرس پنهنجي مزاج ۾ مونکي اشتراڪي نظر ايندو آهي جنهن سرمائيداري معيشتن جي وڪالت ۽ قيادت ڪندڙ ملڪن کان به اهڙا فيصلا ڪرايا آهن جن جو بنياد اشتراڪي آهي جهڙوڪر صحت جون سهولتون وقتي طور ئي سهي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ، هر شهريءَ کي بنا معاوضي ڪووڊ جي ٽيسٽ مهيا ڪرڻ، ڪووڊ خلاف ويڪسين جي تياري، هر

شهريءَ کي ڪووڊ خلاف بنا معاوضي ويڪسين مهيا ڪرڻ ، رياست پاران ماڻهن جي گهرن جو ڀاڙو ڀرڻ جو بندوبست ڪرڻ، ٻارن جي تعداد آهر خاندانن جي معاشي سهائتا ڪرڻ يا گهٽ ۾ گهٽ بنيادي آمدنيءَ جو بحث هجي سيني جو بڻياد اشتراڪي آهي.

## سارس ـ ڪوو ـ ٢ ـ اوميڪران

صحت جي عالمي اداري طرفان ڪورونا وائرس جي ستين پاتيءَ سارس ـ ڪوو ـ ٢ جي نئين شڪل اوميڪران جي باري ۾ ٢٨ نومبر سن ٢٠٢١ع تي جاري ڪيل صورتحال.

صحت جي عالمي اداري طرفان قائم ڪيل ٽيڪنيڪل ايڊوائزري گروپ پاران صلاح مشوري ۽ شاهدين جي بنياد تي ٢٦ نومبر سن ٢٠٢١ع تي ڏکڻ آفريڪا جي سائنسدانن طرفان سڃاتل سارس ـ ڪوو ـ ٢ جي نئين شڪل کي ڳڻتي جوڳو قرار ڏيندي، ڪيس اوميڪران جو نالو ڏنو ويو هو.

اوميڪران ۾ جيڪي تبديليون يا ميوٽيشنس ڏٺيون ويون جن جي بنياد تي سندس ڦهلاءَ، پيچيدگين، ويڪسين ۽ تشخيص متعلق سوال اڀريا آهن. انهن کي بڻياد بڻائي سڄي دنيا ۾ ان نئين شڪل بابت عجب عجب جون تعويلون اچڻ شروع ٿي ويون ۽ يورپ، اسرائيل، آمريڪا،

جپان سميت ڪيترن ملڪن ڏکڻ آفريڪي ملڪن لاءِ پنهنجا دروازا بند ڪري ڇڏيا. ان سڄي صورتحال کي سامهون رکندي صحت جي عالمي اداري هر اٿندڙ سوال تي موقف جاري ڪيو جنهن جو بنياد صرف ميسر سائنسي معلومات آهي.

١ . اوميڪران متعلق ميسر معلومات:

ڏکڻ آفريڪا سميت دنيا اندر ڪووڊ ـ ١٩ تي تحقيق ڪندڙ سائنسدان وائرس جي هن نئين شڪل تي تحقيق ڪري رهيا آهن.

ڦهلاءُ جي صلاحيت transmissibilty :

اڃ سوڌو اهڙي ڪا بہ ثابتي ڪونهي تہ وائرس جو هي قسم سندس پهرين قسمن کان وڌيڪ ڦهلجندو يا نہ. جيتوڻيڪ هن قسم مان بيمار ٿيندڙن جو تعداد ڏکڻ آفريڪا ۾ وڌيو آهي پر ان کي ڦهلاءَ جي ثابتي نٿو چئي سگهجي. ان ڏس ۾ تحقيق جاري آهي، ڪنهن بہ اڳڪٿيءَ کان

بهتر رهندو تہ تحقيق جي نتيجن جو انتظار ڪجي.

ٿلهي ليکي وائرس جي هن شڪل لاءِ ايئن نٿو چئي سگهجي تہ کو اڳين شڪلين کان وڌيڪ ڦهلجي ٿي.

بيماريءَ جي شدت severity of disese:

ان ڏس ۾ بہ اجا ڪا اڳيرائي ڪونہ ٿي آهي جو چئي سگهجي تہ هي قسم سندس پهرين قسمن کان وڌيڪ شديد بيماريءَ جو سبب بڻبو يا نہ.

ٿلهي ليکي وائرس جي هن شڪل لاءِ ايئن نٿو چئي سگهجي تہ کو اڳين شڪلين کان وڌيڪ پيچيدگيون پيدا ڪري ٿي.

٢ . ٻيهر بيمار ٿيڻ جو خطرو

وائرس جي هن قسم مان اهي فرد جن کي اڳ ڪووڊ-١٩ جي بيماري ٿي چڪي آهي، انهن جو ٻيهر بيمار ٿيڻ جو خطرو وڌيو آهي.

**ميسر ويڪسين جي ڪارڪردگي** effectiveness of available vaccines:

هن قسم جي ڪري ويڪسين جي علامتن جي شدت گهٽائڻ ۽ موت جي امڪان گهٽ ڪرڻ واري صلاحيت متاثر نہ ٿي آهي. ويڪسين بالڪل موثر آهن ۽ انهن جو استعمال جاري رکڻ گهرجي. وڌيڪ تحقيق جاري آهي.

**ميسر تشخيصي طريقن جي ڪارڪرگي** effectiveness of current tests:

ميسر پي سي آر PCR ٽيسٽ جي ڪارڪردگي ۽ صلاحيت متاثر نہ ٿي آهي. ساڳين صورتحال تڪڙي rapid ٽيسٽ جي آهي. صلاحيت متاثر نہ ٿي آهي. وڌيڪ تحقيق جاري آهي.

**٣ . ملڪن لاءِ تجويزون**

ملڪن کي گهرجي تہ وائرس ۽ وبا جي مجموعي نظرداريءَ کي بهتر بنائين ۽

- اوميڪران شڪل تي خاص نظر رکن.

- جينياتي ترتيب جانچڻ جي صلاحيت بهتر ڪن.
- عوامي سطح تي بچاءَ جا تجويز ڪيلاپاءَ جاري رکن.
- نئين شڪل اوميڪران متعلق معلومات صحت جي عالمي اداري سان ونڊين.
- ملڪ جي جملي آباديءَ لاءِ ويڪسين جو بندوبست ڪن.

۴ . فردن لاءِ تجويزون

- گهر کان ٻاهرهڪ ٻئي کان وٿيرڪا رهو،
- پيهه کان پاسو ڪريو.
- ماسڪ جو صحيح استعمال ڪريو
- صابڻ سان هٿ ڌوئي صاف ڪريو يا وري سينيٽائيزر استعمال ڪريو.

حوالو:

https://www.who.int/news/item/28-11-2021-update-on-omicron

# عالمي وبا ۽ ميسر ويڪسين

ڪووڊ - ١٩ جي هن جاري عالمي وبا ۾ ان بيماريءَ کان بچڻ لاءِ جيترييون ويڪسين ايجاد ڪيون ويون آهن، سائنس جي تاريخ ۾ اهڙو ڪم ڪڏهن به ڪونهي ٿيو.

هڪ سال اڳ جنهن بيماريءَ جي ڪا ويڪسين ڪونہ هئي، اڄ ان جون ايتريون ويڪسين ميسر تہ آهن پر ورهاست، خريد ڪرڻ جي قوت، ويڪسين قوم پرستي، ويڪسين ذخيره اندوزي ۽ سراسري دستيابيءَ جي مسئلن ۽ اڻبرابريءَ وري هن دنيا ۾ موجود طبقاتي ڦاٽ کي وڌيڪ پڌرو ڪيو آهي.

ويڪسين جي پهرين کيپ ۾ ڪي نو (٩) ويڪسين دنيا ۾ ايجاد ۽ استعمال ٿيون جن مان روس جي اسپوتنڪ وي (Sputnik V) ۽ ڪيوبا جي ٻن ويڪسين ابدالا (abdala) ۽ سوبرانا (soberana) کي ڇڏي باقي ڇهن ويڪسين کي صحت جي

عالمي اداري طرفان هنگامي استعمال جو نہ صرف اجازتنامو مليو.

صحت جي عالمي اداري طرفان اجازتنامو نہ ملڻ باوجود ڏنو وڃي ٿو روس سميت ڪي ٣٥ ملڪ اسپوتنڪ وي استعمال ڪن ٿا. ڪيوبا ۾ تيار ڪيل ويڪسين ڪيوبا، ويٽنام ۽ وينزويلا ۾ استعمال ھيث آھن. اھو ھڪ ڏکو بحث آھي تہ سياسي ۽ معاشي مفادن تحت سائنس ڪيئن استعمال ٿئي پئي.

اهي ويڪسين جن کي صحت جي عالمي اداري طرفان هنگامي استعمال جو اجازتنامو مليواهي ڪوويڪس بندوبست تحت ڳنهي مختلف ملڪن کي پهچائڻ جو ڪم بہ گڏيل قومن جي سهڪار سان جاري آهي. جن ڇهن ويڪسين کي صحت جي عالمي اداري هنگامي استعمال جا اجازتنامہ جاري ڪيا، اهي آهن:

mRNA ويڪسين

١ . فائزر ـ بايواين ٽيڪ

۲ . ماڊرنا

وائرل ويڪٽر ويڪسين

۳ . آسٽريزينيڪا
۴ . جانسن جانسن

بي اثر ڪيل وائرس ويڪسين

۵ . سائنوفارم
۶ . سائنوويڪ

انهن ويڪسين سان گڏوگڏ وڌيڪ ويڪسين پڻ تياريءَ جي مختلف مرحلن ۾ آهن جن مان خاص ڪري ٻن قسمن جون ويڪسين قابلِ ذڪر آهن.

۱ . پروٽين تي آڌاريل (protein base) ويڪسين جيڪي ريفريجيٽر جي گهرج بنا هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائي سگهبيو ۽ ٿڌو سلسلو (cold chain) برقرار رکڻ جي جهنجهٽ کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ ويڪسين جي چر پر آسان ٿي پوندي.

۲ . بنا سئيءَ واريون ويڪسين ( needle less vaccines) جيئن پوليو جا ڦڙا هوندا آهن، اهڙي

ريت بنا سئيءَ واري ويڪسين جيڪا وري گهربل انساني وسيلن تان بار گهٽائيندي ۽ خاص صحت ڪارڪن بدران هرهڪ صحت ڪارڪن ۽ رضاڪار ويڪسين جي عمل ۾ هٿ ونڊائي سسگهندا.

٣ . ٽيون ويڪسين جو تياري هيٺ قسم آهي "پاڻ استعمال ڪرڻ واري آر اين اي ويڪسين" (self-amplifying (saRNA) RNA vaccines) هيءَ ويڪسين وري استعمال ڪرڻ وارو بنا ڪنهن صحت ڪارڪن يا رضاڪار جي مدد جي پاڻ بذاتِ خود استعمال ڪري سگهندو.

ان کان علاوه نڪ ۾ ڦونهارو ۽ باريڪ ننڍڙين سين جي طريقي واريون ويڪسين پڻ تياريءَ هيٺ آهن.

سائنس جي انهن مهربانين سان هوند اسان هن عالمي وبا کي جهاڳي نڪرئون جنهن دنيا جي سماجي، معاشي ۽ سياسي منظرنامي کي تہ تبديل

ڪيو آهي پر پوءِ بہ دنيا مان طبقاتي متڀيد گهٽ ڪرڻ ۾ ڪو ڪردار ادا نہ ڪري سگهي آهي.

حوالو:

https://www.gavi.org/vaccineswork/how-next-generation-covid-19-vaccines-could-help-end-pandemic

# اوميڪران ۽ انديشا

اوميڪران، سارس - ڪوو - ٢ جي نئين ڳٽتي جوڙجي شڪل (VoC) جيڪا سن ٢٠٢١ع جي نومبر مهيني جي پنجويهين تاريخ تي صحت جي عالمي اداري طرفان پڌري ڪئي وئي، اها شڪل ڏکڻ آفريڪا جي سائنسدانن پاران پڌري ڪئي وئي هئي.

وائرس جي مختلف شڪلين کي يوناني الفابيٽ جي اکرن سان نسبتي نالا ڏيڻ جو روايت قائم رکندي هن نئين شڪل کي يوناني (greec) الفابيٽ جي پندرهين اکر اوميڪران (O) جو نالو ڏنو ويو آهي. هن وقت تائين اهو نئين شڪل وارو اوميڪران وائرس گڏيل قومن جي ١٩٤ رڪن ملڪن مان ٣٨ ملڪن ۾ ڏٺو ويو آهي.

صحت جي عالمي اداري جي پڌرائيءَ مطابق وائرس جي نئين شڪل جو ورتاءُ ڪهڙو هوندو تنهن باري ۾ ڪجهه چئي نٿو سگهجي. سڄي دنيا ۾ جتي جتي نئين اوميڪران شڪل واري

قسم کان متاثر مريض ملن ٿا، اتي ان جي ورتاءَ جو سائنسي بنيادن تي جائزو ورتو پيو وڃي. ايندڙ مهيني، ٻن ۾ صورتحال واضح ٿيڻ شروع ٿيندي ۽ هن نئين ڳڻتي جوڳي شڪل جي وائرس بابت وسوخ سان ڪجهه چئي سگهبو.

انهي صورتحال ۾ جڏهن هوند وارن ملڪن ڏکڻ آفريڪي ملڪن تي سفري پابنديون لاڳو ڪيون ته سوال اهو پيدا ٿيو ته ڪٿي اهو ڏکڻ آفريڪي ملڪن کي سچ وقت تي پڌرو ڪرڻ جي سزا ته ڪونهي.

انهي صورتحال ۾ جيڪڏهن انهن خدشن تي هڪ نظر وجهئون جن جي بنياد تي انهن ملڪن ڏکڻ آفريڪا تي سفري پابنديون لاڳو ڪيون، پنهنجي ملڪن ۾ ويڪسين جي اضافي خوراڪ جو اعلان ڪيو، جيئن پاڪستان پڻ اهڙو بندوبست ڪيو آهي ۽ مون به ڪي ٻه ڏينهن اڳ ويڪسين جو ٽيون ٽڪو لڳرايو آهي ۽ ملڪن ۾ سماجي بندوبست جهڙوڪر ماسڪ، پيهه کان پاسو، چرپرتي نظر رکڻ، ڪاروبار وغيره تي

نيون بندشون لاڳو ڪيون تہ ان جي پٺيان لڪل اها معلومات آهي جيڪا انهي وائرس جي اڳين ڳڻتي جهڙي شڪلين جهڙوڪر بيٽا ۽ ڊيلٽا ۾ رونما ٿيل تبديلين ۽ انهن جي ورتاءَ مان ميسر آهي.

هاڻي جيڪڏهن اوميڪران ۾ ڏٺل تبديليون ڏسئون تہ وائرس جي هن قسم ۾ جيڪي تبديليون ڏٺيون ويون آهن اهي ڪي ٽيهہ عدد آهن. جن مان ڪي نو عدد نالي 69—70del, T95I, K417N, T478K, N501Y, N655Y, N679K, G142D/143—145del and P681H اهي آهن جيڪي ساڳي وائرس جي اڳين شڪلين جهڙوڪ الفا، بيٽا، گاما ۽ ڊيلٽا ۾ پڻ ڏٺيون ويون هيون ۽ انهن تبديلين جو ورتاءَ اڳ تحقيق تحت قلمبند ٿيل آهي. انهي صورتحال ۾ ملڪن جا ڪورونا ٽاسڪ فورس تي ڪم ڪندڙ سائنسدان ۽ پبلڪ هيلٿ اسپيشلسٽ پنهنجي پنهنجي ملڪن ڪي حفاظتي ترڪيبون تجويز ڪري رهيا آهن.

انهي سجاڻپ جنهن جو مون ذڪر ڪيو آهي انهن تبديلين وارا پهريان وائرس ملڪن اندر بيماريءَ جي تڪڙي ڦهلاءَ، علامتن جي شدت، اسپتال داخل ٿيڻ جي وڌيل تعداد، وري وري بيمار ڪرڻ ۽ فوتگين ۾ اضافي وارين معلوم خاصيتن ڪان خائف آهن.

جيتوڻيڪ اهي ته صرف انهن نون (٩) تبديلين جا انديشا آهن جڏهن ته هن اوميڪران قسم جي وائرس ۾ ٿيهه (٣٠) عدد تبديليون ڏٺيون ويون آهن جن جو ڪهڙو اثر ٿيندو، اهو اڳتي هلي خبر پوندي جيئن جيئن تحقيق اڳتي وڌندي ۽ سائنسدان مقالا لکندا.

سٺي خبر اها آهي ته هن وقت ميسر مختلف پي سي آر تشخيص (PCR Test) هن نئين شڪل ڳولهڻ لاءِ ڪارگر آهن. انهي تشخيصي عمل ۾ هڪ خاص نشاني جنهن سان اوميڪران جلدي سڃاڻپي ٿو اها آهي S-gene target failure مطلب جيڪڏهن تشخيصي عمل دوران ايس . جين

ٽارگيٽ منفي اچي تہ ان مريض جي بيماريءَ جو سبب اوميڪران سارس ڪوو - ٢ وائرس آهي.

هن ڳڻتي جوڳي قسم (VoC) جو ڪووڊ - ١٩ جي علامتن تي ڪهڙو اثر ٿيندو اهو اجا واضح ڪونهي. وائرس جي هن نئين قسم خلاف ميسر ويڪسين ڪيتريون موثر هونديون، اهو بہ اجا واضح ڪونهي. ڏنو وڃي تہ ٿلهي ليکي ميسر ويڪسين اڳين قسمن کان بچاءُ مهيا ڪرڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب رهيون آهن.

انهن سيني خدشن کي سامهون رکندي وچ وارو رستو جنهن سان ڪنهن وڏي هانجي کان بچي سگهجي ٿو اهو آهي:

- جلدي ويڪسين مڪمل ڪرائڻ.
- ملڪ ۾ ميسر پنجاهہ سالن کان وڏي ڄمار وارن فردن، صحت ڪارڪنن ۽ متعدي بيمارين ۾ مبتلا فردن لاءِ شروع ڪيل اضافي خوراڪ جي سهولت جو وقتائتو استعمال ڪرڻ.

- بازر ۾ هڪبئي کان وٿيرڪو رهڻ.
- پيهه وارن هنڌن کان پاسو ڪرڻ.
- هرو ڀرو سفر نہ ڪرڻ.
- هٿن کي صابڻ سان صاف ڪرڻ.
- ماسڪ جو استعمال ڪرڻ.
- طبيعت خراب محسوس ٿئي تہ پنهنجي معالج سان تڪڙي صلاح مصلحت ڪرڻ.
- سير سپاٽي کان پاسو ڪرڻ.
- اجايو هوٽلن تي نہ ويهڻ.
- بي سبب شهرن کان ٻوٽن ڏي سفر ڪرڻ کان پرهيز ڪرڻ.
- عمر رسيده والدين ۽ مٿن مائٽن سان ملاقات مهل ماسڪ جو استعمال ڪرڻ.
- ٻارن کي ٽيوشن تي نہ موڪلڻ.

## آر - ٻڙي يا ناٽ

آر ٻڙي (ɑːˈnɔːtˌɑːˈzɪərəʊ) R0 بيمارين جي ڦهلاءَ واري علم epidemiology جو هڪ اسم آهي. جنهن مطابق اهو انگ جيڪو ڪنهن هڪ فرد مان ٻين ڏانهن اهڙي آباديءَ ۾ بيماري ڦهلجڻ جو سراسري تعداد ظاهر ڪري جنهن ۾ اها بيماري اڳي ڪان موجود نہ هجي.

صحت جي عالمي اداري پاران ان جو معتدل ڪاٿو ١,۴ ۽ ٢,۵ جي وچ وارو ڄاڻايو ويو آهي. ان جو مطلب جيڪڏهن ١,۴ کان گهٽ آهي تہ انهي بيماري وبائي شڪل اختيار نہ ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن ٢,۵ کان مٿي آهي تہ ان جو مطلب بيماري انهي علائقي ۾ وبائي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي.

## ڪووڊ ـ ١٩ ويڪسينيشن

پاڪستان ڪووڊ ـ ١٩ ويڪسين جي اضافي خوراڪ جو اعلان ڪيو آهي. اعلان موجب ٽن مختلف سماجي پرتن کي اها سهولت ميسر هوندي.

١ . پنجاهه سالن کان وڏي ڄمار جا فرد

٢ . صحت ڪارڪن

٣ . متعدي بيمارين ۾ مبتلا اميونو ڪامپرونائيز فرد، اهي فرد جن کي ڪنهن عضوي جي پيوندڪاري ٿيل آهي، جيڪي ايڊز جو علاج ڪائن پيا، جيڪي ڪنهن ڪينسر جي علاج هيٺ آهن.

اضافي خوراڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪووڊ ـ ١٩ جي ڪنهن به ويڪسين جا ٻه عدد ڊوز گهٽ ۾ گهٽ ڇهه (٦) مهينا اڳ لڳل هجڻ لازمي آهي.

سنڌ جي صحت کاتي به انهي سهولت جو بندوبست ڪيو آهي. چونڊ بالغن جي

ويڪسينيشن مرڪزن تي اها سهولت دستياب آهي. توهان جتان ڪووڊ ـ ١٩ ويڪسين جون پهريون ٻه خوراڪون حاصل ڪيون هيون، ان ساڳئين مرڪز تان وڌيڪ معلوم ڪريو.

ويڪسينيشن سينٽر تي جيڪا ٻه ويڪسين انوقت دستياب هجي ۽ هو توهان کي تجويز ڪن اها ويڪسين ضرور لڳرايو. سڀني ويڪسين جي ڪارڪردگي لڳ ڀڳ هڪ جهڙي آهي.

پنهنجي اضافي خوراڪ جو نئون ويڪسينيشن ڪارڊ ضرور حاصل ڪجو ۽ ان ۾ مڪمل اندراج به ڏسي پڪ ڪري وٺجو.

ويڪسين لڳرائڻ ڪانپوءِ 1166 تي پنهنجو قومي شناختي ڪارڊ نمبر ايس ايم ايس ڪري پنهنجي ويڪسين جي تصديق به ڪريو. جيڪڏهن ڪنهن سبب توهان جي 'اضافي خوراڪ' درج نہ هجي تہ ويڪسينيشن سينٽر جي عملي کي آگاهہ ڪريو. جيئن اهي توهان جو اندراج ڪري سگهن. هروڀرو اتاولو ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي. ڇو تہ

ڪڏهن ڪڏهن انٽرنيٽ جي ڪمزور ڪنيڪشن سبب داخل ڪيل معلومات 'نادرا' جي ويب سائيٽ تي داخلا ڪان رهجي ويندي آهي جيڪا توهان جي اطلاع تي درست ٿي ويندي.

ياد رهي تہ ڪووڊ ـ ١٩ جي ويڪسين بنيادي طور بيماريءَ جي شدت، اسپتال ۾ داخل ٿيڻ ۽ ڪووڊ ـ ١٩ سبب فوتگيءَ جي بچاءَ لاءِ اهم آهي. جيڪڏهن ڪنهن سبب ويڪسين ٿيل فرد کي بيماري ٿي بہ پئي تہ اها ڪنهن عام نزلي، زڪام جيان گذري ويندي.

ڪووڊ ـ ١٩ جي عالمي وبا جو
ڪارڻ ڪورونا خاندان جو
ستون پاتي سارس ـ ڪوو ـ٢
جيڪو هڪ بيٽا وائرس آهي،
اهو جيئڻ جا جتن ڪندي بيٽا
مان ڊيلٽا ۽ هاڻي اوميڪران ٿي
ويو آهي.
اسان اتي جو اتي.
سِهي ٿنگون ٿي.
باقي وڌيڪ پاڻ سياڻا آهيو.



عبدالرحمٰن پيرزادو